
هفتيوار سُنتن ڀريي اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

# سُنتن ڀريو بيان

(Sindhi)



## توبه ڪرڻ وارن جي لاءِ انعام

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# توبہ ڪرڻ وارن جي لاءِ انعام

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَاف

(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي نفلي اعتڪاف جي نيّت ڪري وٺندا ڪريو، جيستائين مسجد ۾ رهندؤ نفلي اعتڪاف جو ثواب حاصل ٿيندو رهندو ۽ ضمنًا مسجد ۾ ڪائڻ پيئڻ بہ جائز ٿي ويندو.

## دُرودِ پاڪ جي فضيلت

حضرت سَيِّدُنا ابُودرداء رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي تہ نُور جي پيڪر، سيني نبين جي سَروَر صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: "جمعي جي ڏينهن مون تي دُرُود شريف جي ڪثرت ڪيو، ڇوتہ هي يومِ مَشهود آهي، هن ۾ ملائڪ حاضِر ٿيندا آهن ۽ توهان مان جيڪو بہ مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي، تہ ان جي فارِغ ٿيڻ کان پهريان ان جو دُرُود مون وٽ پهچايو ويندو آهي." مون عرض ڪيو: ۽ اوهان جي وِصال کان پوءِ؟ "فرمايائون: "الله عَزَّوَجَلَّ زمين تي حرام ڪيو آهي تہ اها اَنبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام جي جسمن کي کائي." (سنن ابن ماجه، کتا ب الجنائز ، باب ذکر وفاته ودفنه ،رقم ۱۶۳۷، ج۲، ص ۲۹۱)

بچيں بے کار باتوں سے پڑھیں اے کاش کثرت سے
ترے محبوب پر ہر دَم دُرُودِ پاک ہم مولیٰ

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون



www.dawateislami.net

سنيون نِيّتون ڪري ونون ٿا.

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: ”نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ“ يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي. (المعجم الڪبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

**ٻه مدني گُل:** (1) بغير سني نيّت جي ڪنهن به نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو.

(2) جيتريون سنيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب به وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

❁ نگاهون جهڪائي پوري توجه سان بيان ٻڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وچائي ويهندس ❁ ضرورت پوڻ تي بين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو ته صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اُلڪڻ کان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذْكُرُوالله, تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## بيان ڪرڻ جون نِيّتون

آئون به نِيّت ڪريان ٿو ❁ الله جي رِضا حاصل ڪرڻ ۽ ثواب حاصل ڪرڻ جي لاءِ بيان ڪندس ❁ ڏسي بيان ڪندس ❁ سيپاري 14 **سورة النحل** آيت نمبر 125: اُدْعُ اِلٰى سَبِيْلِ رَبِّكَ بِالْحِكْمَةِ وَ الْمَوْعِظَةِ الْحَسَنَةِ

”ترجمو ڪنزالايمان: پنهنجي ربّ جي واٽ جي طرف سڏ پڪي سمجهه ۽ چڱي



www.dawateislami.net

نصيحت سان“ ۽ بخاري شريف (حديث:4361) جي هن فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللہُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: بَلِّغُوْا عَنِّيْ وَلَوْ آيَة يعني ”منهنجي طرفان پهچايو جيتوڻيڪ هڪ ئي آيت هجي“ ۾ ڏنل احڪام جي پيروي ڪندس ❁ نيڪي جو حڪم ڏيندس ۽ بُرائي کان منع ڪندس ❁ شعر پڙهڻ، عربي، انگريزي ۽ ڏکيا لفظ ڳالهائڻ دؤران دل جي اخلاص تي توجُّھ رکندس يعني پنهنجي علميت جو ڌاڪو ويهارڻ مقصود ٿيو ته ڳالهائڻ کان بچندس ❁ مَدَني قافلي، مَدَني انعامات ۽ علائقائي دوره براءِ نيڪي جي دعوت وغيره جي رغبت ڏياريندس ❁ ٺهڪ ڏيڻ ۽ ڏيارڻ کان بچندس ❁ نظر جي حفاظت ٻڌائڻ جي خاطر حتي الامڪان نگاهون جهڪائي رکندس .

## سچي توبه عذاب کان بچائي ورتو

دعوتِ اسلامي جي اِشاعتي اِداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل تفسير صِراطُ الجنان جلد 4 صفحي 378 تي آهي:

حضرت سَيدُنا يونس عَلَيه الصَّلوٰة وَالسَّلَام جي قوم جا ماڻهو مُوصل جي علائقي نينوٰي ۾ رهندا هئا ۽ ڪُفر ۽ شِرڪ ۾ مبُتلا هئا، الله تعاليٰ حضرت سَيدُنا يونس عَلَيه الصَّلوٰة وَالسَّلَام کي انهن ڏانهن موڪليو، پاڻ انهن کي ايمان آڻڻ جو حڪم ڏنو، انهن ماڻهن اِنڪار ڪيو ۽ حضرت سَيدُنا يونس عَلَيه الصَّلوٰة وَالسَّلَام جي ڳالهه نہ مڃي، پاڻ انهن کي الله تعاليٰ جي حڪم سان عذاب نازِل ٿيڻ جي خبر ڏني، انهن ماڻهن پاڻ ۾ چيو تہ حضرت سَيدُنا يونس عَلَيه الصَّلوٰة وَالسَّلَام ڪڏهن بہ ڪا ڳالهه غلط ناهي ڪئي، ڏسو جيڪڏهن اهي رات جو هتي رهن تہ پوءِ ڪو انديشو ناهي، ۽ جيڪڏهن انهن رات هتي نہ گذاري تہ سمجهڻ گهرجي تہ عذاب ايندو. جڏهن رات ٿي تہ حضرت



www.dawateislami.net

يونس عَلَيهِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام اتان ڪان هليا ويا ۽ صُبح جي وَقت عذاب جا آثار ظاهر ٿيا، آسمان تي ڪاري رنگ جا خوفناڪ بادل آيا، تمام گهڻو دُونهون جمع ٿيو ۽ سڄي شهر تي ڇانئجي ويو. اهو ڏسي انهن کي يقين ٿي ويو تہ عذاب اچڻ وارو آهي، اُنهن حضرت يونس عَلَيهِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام کي ڳولهيو تہ پاڻ کي نہ ڏٺائون، هاڻي انهن کي اڃا وڌيڪ انديشو ٿيو تہ اهي ماڻهو پنهنجي عورتن، ٻارن ۽ جانورن سان گڏ جهنگ ڏانهن نڪري پيا، ٿُلها ڪپڙا پائي توبہ ۽ اسلام جو اظهار ڪيو، مڙس ڪان گهرواري ۽ ماءُ ڪان ٻار جُدا ٿي ويا ۽ سڀني بارگاهِ اِلٰهي ۾ گِريہ و زاري شُروع ڪري ڇڏي ۽ عرض ڪرڻ لڳا تہ جيڪو دِين حضرت يونس عَلَيهِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام کڻي آيا آهن، اسان ان تي ايمان آڻيون ٿا، پوءِ اُنهن سچي توبہ ڪئي ۽ جيڪي ڏوھ انهن ڪان ٿيا هئا انهن کي پري ڪيو، ٻين جا مال واپس موٽائي ڏنائون، ايستائين جو جيڪڏهن ٻي ڪنهن جو هڪ پٿر بہ ڪنهن جي بُنياد ۾ لڳي ويو هو تہ بُنياد پٽي اهو پٿر واپس موٽائي ڇڏيو. اللّٰه تَعالٰی ڪان اِخلاص سان مغفرت جون دُعائون گهريون تہ پروردگارِ عالَم عَزَّ وَجَلَّ انهن تي رحم ڪيو، دُعا قبول فرمائي ۽ عذاب ڪنيو ويو. (خازن، يونس، تحت الآية: ٩٨، ٢/٣٣٥-٣٣٦)

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اوهان ڏٺو تہ حضرت سَيِدُنا يونس عَلَيهِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام جي قوم تي انهن جي گُناهن جي گهٽائي، انهن جي غَفلت ۽ انهن جي سَرڪشي جي سبب عذاب ٿيڻ وارو ئي هو جو انهن جي سچي توبہ ڪم اچي وئي ۽ انهن کي سچي توبہ جو اِنعام اهو مليو جو انهن تان عذاب ڪنيو ويو، هن حڪايت ۾ اسان جي لاءِ بي شُمار مدني گل آهن جو طرح طرح جي گُناهن جي سبب، نمازون قضا ڪرڻ سبب، والدين جي نافرماني، ڪوڙ، غيبت، چغلي هٽڻ ۽ فلمون ڊراما، گانا باجا ٻُڌڻ ۽ ڏسڻ جي سبب،



www.dawateislami.net

جيڪڏهن اسان جو رَبّ عَزَّوَجَلَّ اسان کان ناراض ٿي ويو ۽ ان اسان کان رحمت پري نگاھ ڪٽي ورتي ته اسان جو ڇا ٿيندو؟ تنهنڪري اڃا به وقت آهي پنهنجو پاڻ کي سنڀالي وٺون، جلد کان جلد گُناهن کان توبه ڪرڻ گهرجي ۽ دُنيا جي عارضي لذّتن جي خاطر آخرت جي دائمي تڪليفن ۽ مشقتن کي دعوت ڏيڻ بدران، پڪي سچي توبه ڪري الله عَزَّوَجَلَّ جي پاڪ ۽ پسنديده ٻانهن ۾ شامل ٿيڻ گهرجي، اِنْ شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ ان جي برڪت سان دُنيا ۽ آخرت سنورجي ويندي.

| | |
|---|---|
| ياخُدا ميری مغفرت فرما | باغِ فردوس مَرحَمت فرما |
| تُو گُناہوں کو کر مُعاف اللہ! | میری مقبول مَعذرت فرما |
| مُصطفےٰ کا وسیلہ توبہ پر | تُوعنایت مُداوَمت فرما |

(وسائلِ بخشش مُرمّم،ص75)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## توبه جا شرط

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ياد رهي ته توبه جي لاءِ ٽن (3) شرطن جو موجود هئڻ ضروري آهي، جيڪڏهن اهي شرط موجود نه هئا ته ان کي سچي توبه نه چونداسين: (١) ماضي تي ندامت (يعني جيڪي گناھ ٿيا آهن انهن تي شرمساري) (٢) ترڪِ گناھ (يعني گناھ کي ڇڏي ڏيڻ) (٣) اهو عزم (پڪو ارادو) ڪرڻ ته آئنده گناھ نه ڪندس. (منح الروض الازهر،تعريف التوبة ومراتبها وامثلة عليها، ص٤٣٦)

## سچّي توبه ڇا کي چئبو آهي؟

اعليٰ حضرت ،امامِ اهلسُنَّت امام احمد رضا خان رَحْمَةُ الله تَعَالٰی عَلَيه فرمائن ٿا: سچّي توبه جي هي معنيٰ آهي ته گُناهن تي ان ڪري جو اها ان



www.dawateislami.net

جي رَبّ عَزَّوَجَلَّ جي نافرماني هئي، نادِم ۽ پريشان ٿي هڪدم ڇڏي ڏئي ۽ آئنده ڪڏهن بہ ان گُناهه جي ويجهو نہ وڃڻ جو سچي دِل سان پڪو عَزْم ڪري، جيڪو هن جي تَلافي جو انتظام پنهنجي هٿ ۾ هجي ان کي ادا ڪري. (فتاوي رضويه ۱۲۱/۲۱)

## هر ڏوهہ جي توبہ هڪ جهڙي ناهي:

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! يادرکو! هر گُناهه جي توبہ هڪ جهڙي نہ ٿيندي آهي، هن باري ۾ مكتبة المدينہ جي شايع ٿيل تفسير صِراطُ الجنان جلد 4 صفحي 230 تان ڪجهہ مدني گل چونڊڻ جي سعادت حاصل ڪيون ٿا: ياد رهي تہ هر جُرم جي توبہ هڪ جهڙي نہ هوندي آهي، پؤ بہ مُختلف جُرمن جي توبہ بہ مُختلِف آهي جيئن جيڪڏهن الله تَعاليٰ جا حق تَلف ڪيا آهن، مثال طور نمازون قَضا ڪيون، رمضان جا روزا نہ رکيا، فرض زکوٰة اَدا نہ ڪئي، حج فرض هئڻ جي باوُجُود نہ ڪيو، تہ انهن کان توبہ هي آهي تہ نماز روزن جي قَضا ڪري، زکوٰة اَدا ڪري، حج ڪري ۽ ندامت و شرمساري سان الله تعاليٰ جي بارگاه ۾ پنهنجي تَقصِير (غلطي) جي مُعافي گهري، اهڙي طرح جيڪڏهن پنهنجي ڪن، اک، زَبان، پيٽ، هٿ پير، شرمگاهہ ۽ ٻين عضون سان اهڙا گُناهه ڪيا هجن جنهن جو تَعلُّق الله تَعاليٰ جي حقن سان هجي، ٻانهن جي حقن سان نہ هجي، جيئن غير مَحرم عورت ڏانهن ڏسڻ، جَنابت جي حالت ۾ مسجد ۾ ويهڻ، قرآنِ مجيد کي بي وُضو هٿ لڳائڻ، شراب نوشي ڪرڻ، گانا باجا ٻڌڻ وغيره، انهن سان توبہ ائين آهي تہ الله تعاليٰ جي بارگاهہ ۾ پنهنجي گُناهن جو اِقرار ڪندي، انهن گُناهن تي شرمساري جو اِظهار ڪندي ۽ آئنده اهي گُناهه نہ ڪرڻ جو پُختو عزم ڪندي مُعافي طلب ڪري ۽ ان کان پوءِ ڪجهہ نہ ڪجهہ نيڪ عمل



www.dawateislami.net

ڪري، ڇوته نيڪيون گُناهن کي متائي ڇڏينديون آهن ۽ جيڪڏهن ٻانهن جا حق ضايع ڪيا هجن ته ان جون ٽي (3) صُورتون آهن.

(1) انهن حقن جو تَعلُّق صرف قرض سان ګڏ آهي، جئين خريد ڪيل شيءِ جي قيمت، مَزدُور جي اُجرت يا زال جو مهر وغيره. هن صُورت ۾ توبہ جو طريقو هي آهي تہ ان حقن کي اَدا ڪري يا صاحب ِحق کان مُعافي گُهري.

(2) ان حقن جو تَعلُّق صرف ظُلم سان ګڏ آهي، جئين ڪنهن کي ماريو، گار ڏني يا غيبت ڪئي ۽ ان جي خبر ان تائين پهچي وئي. هن صُورت ۾ توبہ جو طريقو هي آهي تہ صرف صاحب ِحق کان مُعافي گهري.

(3) اُن جو تَعلُّق قرض ۽ ظُلم ٻنهي سان آهي، جيئن ڪنهن جو مال چورايو، ڦُريو، لوٽيو، ڪنهن کان رِشوت ورتي، وياج ورتو يا جوا ۾ مال کٽيو وغيره. هن صورت ۾ توبہ جو طريقو هي آهي تہ اهي حق ادا بہ ڪري ۽ صاحب ِحق کان معافي بہ حاصل ڪري. جيڪڏهن توبہ جا شرط موجود هئا تہ توبہ ضرور قبول ٿيندي، ڇوته اهو رب تعاليٰ جو وعدو آهي ۽ پنهنجي وعدي جي خلاف ڪرڻ، الله تعاليٰ جي شانِ ڪريمي جي لائق ناهي. (صراط الجنان،ج۴،ص۲۳۰)

گر تُو ناراض ہوا میری ہلاکت ہو گی
ہائے! میں نارِ جہنّم میں جلوں گا یا ربّ

عَفْو کراور سَدا کے لئے راضی ہوجا
گر کرم کردے تو جنَّت میں رہوں گا یارَبّ

(وسائل بخشش،ص۸۵)



www.dawateislami.net

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب!　　صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! الله تبارڪ وتعاليٰ جون رحمتون بيحد ۽ بي حساب آهن، ان ڪري سان ڪي گهرجي ته جڏهن به گُناهه ٿين ته ان جي بارگاهه ۾ هڪدم توبه ڪيون. جيڪڏهن بَتَقاضاءِ بَشَرِيت وري گُناهه ڪيون ته وري توبه ڪيون، وري خَطا ٿي وڃي ته وري توبه ڪيون، چاهي لک ڀيرا ٿِڪي وڃون، پر وري اچي ان جي دامنِ ڪرم سان چنبڙي وڃون ۽ هرگز هرگز مايوس نه ٿيون، ۽ يقيناً جيڪي الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهه ۾ سچي توبه ڪندا آهن الله عَزَّوَجَلَّ انهن کان گهڻو خُوش ٿيندو آهي ۽ انهن تي پنهنجو خاص فَضل وڪرم به ڪندو آهي. قرآنِ ڪريم ۾ مختلف هنڌن تي رَبّ ڪريم عَزَّوَجَلَّ پنهنجي گُناهه گار ٻانهن کي توبه جي ترغيب ڏياري رهيو آهي، جيئن سيپاري 6 سُوْرَةُالْمَآئِدَه جي آيت نمبر 39 ۾ ارشاد آهي:

فَمَنْ تَابَ مِنْ بَعْدِ ظُلْمِهٖ وَأَصْلَحَ فَإِنَّ اللّٰهَ يَتُوبُ عَلَيْهِ إِنَّ اللّٰهَ غَفُورٌ رَّحِيمٌ

**ترجمو ڪنزالايمان**: سو جيڪو پنهنجي ظلم کانپوءِ توبه ڪري ۽ پاڻ سُڌِري وڃي ته الله پنهنجِي مهر (مهرباني) سان رجُوع فرمائِيندو. بيشڪ الله بخشيندڙ مهربان آهي.

دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اِداري مڪتبة المدينه جي شايع ٿيل تفسير ”صِراطُ الجِنان“ ۾ هن آيت سڳوري جي تحت لکيل آهي ته توبه نِهايت نَفيس شيء آهي، ڪيترو ئي وڏو گُناهه هجي، جيڪڏهن ان کان توبه ڪئي وڃي ته الله عَزَّوَجَلَّ پنهنجو حق مُعاف فرمائيندو آهي ۽ توبه ڪرڻ واري کي آخرت جي عذاب مان نَجات ڏئي ڇڏيندو آهي. (تفسيرِ صراط الجنان،ج ٢ ،ص ٤٣٠)



www.dawateislami.net

بڑی کوششیں کیں گنہ چھوڑنے کی
رہے آہ ناکام ہَم یاالٰہی
مجھے سچی توبہ کی توفیق دیدے
پئے تاجدارِ حرَم یاالٰہی

(وسائل بخشش مُرمّم،ص۱۱۰)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعالٰی عَلٰی مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** معلوم ٿيو توبہ ڪرڻ نهايت ئي بهترين ۽ پسنديده ڪم آهي، اهڙي طرح هڪ ٻي هنڌ تي الله عَزَّوَجَلَّ قرآنِ ڪريم ۾ توبہ جي ترغيب ڏياري ۽ هن جي فضيلت بيان ڪئي آهي، جيئن اِرشاد ٿئي ٿو:

يَا أَيُّهَا الَّذِينَ آمَنُوا تُوبُوا إِلَى اللَّهِ تَوْبَةً نَصُوحًا (پ۲۸،التحريم:۸)

**ترجمو ڪنزالايمان:** چا اي ايمان وارؤ! الله جي طرف اهڙي توبہ ڪيو جو اڳتي جي لاءِ نصيحت ٿي وڃي.

هن آيتِ مُبارَڪ ۾بيان ٿيل لفظ ”نَصُوۡح“ جي معنيٰ الله عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ اهڙو خالص ٿيڻ آهي جو ڪنهن قسم جي مِلاوَٽ نہ هجي. ٻيو خليفو، اَميرُالْمُومِنِين فارُوقِ اعظم حضرت سَيدُنا عُمر بن خطاب رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان جڏهن 'تَوْبَةً نَصُوْحا' جي باري ۾ پڇيو ويو تہ پاڻ رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ اِرشاد فرمايو: هن مان مُراد هي آهي تہ ڪو شخص پنهنجي ڪنهن بُري عمل کان اهڙي توبہ ڪري جو وري ڪڏهن بہ ان گُناهہ ۾ نہ پوي. (تفسيردر منثور،ج۸،ص۲۲۷)

اهڙي طر ح حضرت اِبْنِ عباس رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي تہ



www.dawateislami.net

حضرت سَيِّدُنا مَعاذ بن جبل رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنۡهُ عرض ڪيو: يارَسُوۡلَ الله ”تَوۡبَةً نَصُوۡحا“ ڇا آهي؟ ته پاڻ ڪريمن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو ته هن مان مُراد هي آهي ته ٻانهو پنهنجن ڪيل گُناهن تي شرمسار ٿئي، پوءِ الله عَزَّوَجَلَّ کان مُعافي گهري ۽ ان گُناهه جي طرف ڪڏهن به نه موٽي جيئن کير پنهنجي ٿڻ ۾ ٻيهر نه موٽبو آهي. ۽ حضرت سَيِّدُنا اِبنِ مَسعُود رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنۡهُ فرمائن ٿا ته ”تَوۡبَةً نَصُوۡحا“ ڪرڻ سان تمام گُناهه مُعاف ٿي ويندا آهن". (تفسيردر منثور،ج٨،ص٢٢٧)

ميں کر کے توبہ پلٹ کر گناہ کرتا ہوں
حقيقی توبہ کا کر دے شَرَف عطا يا ربّ
(وسائلِ بخشش مُرمّم،ص78)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان ته سچّي توبه ڪرڻ جون ڪيتري قدر برڪتون آهن ته توبه ڪرڻ وارن جا سڀئي گُناهه مُعاف ڪيا ويندا آهن. تنهنڪري اسان کي به گهرجي ته اسان به الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهه ۾ ٻاڏائي ڪري سچي توبه ڪيون ۽ جيڪڏهن وري گُناهه ٿي وڃن ته ٻيهر توبه ڪيون ته الله عَزَّوَجَلَّ قرآنِ ڪريم ۾ اهڙن ماڻهن جي تعريف بَيان ڪئي آهي جيئن سيپاري 4 سُوۡرَةُ النِّسآء آيت نمبر 17 ۾ اِرشاد آهي :

اِنَّمَا التَّوۡبَةُ عَلَى اللّٰهِ لِلَّذِيۡنَ يَعۡمَلُوۡنَ السُّوۡٓءَ بِجَهَالَةٍ ثُمَّ يَتُوۡبُوۡنَ مِنۡ قَرِيۡبٍ فَاُولٰٓئِكَ يَتُوۡبُ اللّٰهُ عَلَيۡهِمۡ ؕ وَكَانَ اللّٰهُ عَلِيۡمًا حَكِيۡمًا

**ترجمو ڪنزالايمان:** اُها توبه جنهن جو قُبول ڪرڻ الله پنهنجي فضل جي ذمي لازم ڪيو آهي سا اُنهن جِي آهي جيڪي نادانِي ۾ ڪا بُرائِي ڪري وينا پوءِ ٿوري دير ۾ توبه ڪري وٺن، اِهڙن تي الله پنهنجِي رحمت سان رُجوع ڪري ٿو، ۽ الله عِلم و حِڪمت وارو آهي.



www.dawateislami.net

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! الله تعاليٰ جي (ٻانهي تي اها) عظيم رحمت آهي جو گُناهه جي بعد توبہ ڪرڻ تي مُعاف فرمائي ڇڏيندو آهي ۽ موت جي وَقت تائين توبہ قبول ڪندو آهي. هتي فرمايو ويو تہ جيڪو گُناهه ڪري ٿوري دير ۾ توبہ ڪن تہ هتي ٿوري دير مان مُراد هڪ اڌ ڪلاڪ يا ٻہ (2) چار (4) سال نہ آهن بلڪ موت کان پهريان جڏهن بہ توبہ ڪئي اها قريب ئي شمار ٿيندي. ها جڏهن موت جو وقت اوچتو اچي وڃي ۽ غيب جو مُعاملو ظاهر ٿي وڃي تہ ان وَقت توبہ مقبول نہ ٿيندي. ۽ پڻ اِسلام ۾ توبہ جو قانون بنائڻ عين حڪمت ۽ علم تي مشتمل آهي. جن دِينَن ۾ توبہ ناهي، ان جي مڃڻ وارا گُناهه تي وڌيڪ دلير هوندا آهن ڇوتہ مايوسي جُرم تي دلير ڪري ڇڏيندي آهي ۽ مُعافي جي اُميد توبہ تي اُڀاريندي آهي. (صراط الجنان،ج۲،ص۱۶۳)

## توبہ جو انعام:

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان جي پياري آقا، حبيبِ ڪبريا، محمدِ مُصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بہ توبہ جون گهڻيون فضيلتون ۽ هن تي ملڻ وارا اِنعام بيان فرمايا آهن. جيئن پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي:" جڏهن ٻانهو گُناهه ڪندو آهي، وري الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهه ۾ توبہ ڪندو آهي ۽ ان تي قائم رهندو آهي تہ الله عَزَّوَجَلَّ ان جو هر نيڪ عمل قَبول ڪندو آهي ۽ ان کان ٿيڻ وارو هر گُناهه بخشي ڇڏيندو آهي ۽ (مُعاف ٿيڻ واري) هر گُناهه جي بدلي جنَّت ۾ ان جو هڪ دَرجو بُلند ڪندو آهي ۽ الله عَزَّوَجَلَّ ان جي هر نيڪي جي بدلي ۾ ان کي جنَّت ۾ هڪ محل عطا ڪندو آهي ۽ حُورن مان هڪ حُور سان ان جو نِڪاح ڪندو آهي'.
(بحر الدموع، ص ۲۱)

اهڙي طرح پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا:"جيڪو هن ڳالهه



www.dawateislami.net

ڪي پسند ڪندو آهي تہ ان جو اعمال نامو ان کي خُوش ڪري، تہ ان کي گهرجي تہ ان ۾ اِستِغفار جو اِضافو ڪري." (مجمع الزوائد ،كتاب ، التوبة ، باب الاكثار من الا ستغفار ،رقم ١٧٥٧٩، ج١٠، ص ٣٤٧) هڪ ٻي حديث شريف ۾ آهي: اَلتَّائِبُ مِنَ الذَّنۡبِ كَمَنۡ لَّا ذَنۡبَ لَه يعني گُناهہ کان توبہ ڪرڻ وارو ائين آهي جيئن ان گناهہ ڪيو ئي نہ. (سنن ابن ماجه، ابواب الزهد، باب ذكر التوبة، الحديث ٤٢٥٠،ج٤، ص٤٩١)

۽ هڪ حديث شريف ۾ آهي تہ جڏهن اِبليس چيو: "اي الله عَزَّوَجَلَّ!مون کي تنهنجي عزّت جو قسم! مان تنهنجي ٻانهن کي ان وقت تائين ڀٽڪائيندو رهندس جيستائين انهن جا رُوح انهن جي جسم ۾ رهندا." تہ الله عَزَّوَجَلَّ فرمايو: "مون کي پنهنجي عزّت وجَلال جو قسم! جيستائين اهي مون کان بخشش گهرندا رهندا مان انهن کي بخشيندو رهندس."

(مسند امام احمد، مسند ابي سعيد الخدري، رقم ١١٢٣٧، ج٤، ص ٥٨)

نہ کرنا حشر میں پُرسِش مِری ہو بے سبب بخشش
عطا کر باغِ فردوس از پئے شاہِ اُمم مولیٰ

(وسائل بخشش مُرمّم،ص97)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ڏٺو اوهان تہ الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهہ ۾ توبہ ڪرڻ جون ڪيتري قدر فضيلتون ۽ برڪتون آهن، ۽ پڻ گُناهن کان توبہ ڪرڻ وارن تي الله عَزَّوَجَلَّ ڪيتري قدر مهربان آهي تہ جيڪو ٻانهو هر هر گناهہ ڪرڻ جي باوُجُود توبہ ڪري، تہ الله عَزَّوَجَلَّ ان جون سموريون خَطائون مُعاف فرمائي ڇڏيندو آهي. ۽ توبہ ڪرڻ وارو ڪيتري قدر اِنعامن جو مُستَحِق هوندو آهي، ان جو اَندازو هن واقعي مان بہ لڳائي سگهجي ٿو. جيئن تہ

## توبهءِ اَبُوالبَشَر عَلَيۡهِ السَّلَام



www.dawateislami.net

حضرت سيدُنا حَسَن بَصري رَحۡمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ کان روايت آهي تہ جڏهن الله عَزَّوَجَلَّ حضرت سيدُنا آدَم عَلٰي نَبِيِّنَا وَعَلَيه الصَّلوٰة وَالسَّلام جي توبہ قَبول فرمائي تہ ملائڪن اُن ڪي مُبارَڪ باد ڏني ۽ حضرت سيدُنا جبرائيل ۽ حضرت سَيدُنا ميڪائيل عَلَيۡهِمَا السَّلَام سندن بارگاھ ۾ حاضر ٿي عرض ڪيو: ”اي آدم عَلَيه السَّلَام! الله عَزَّوَجَلَّ جي طرفان توبہ قَبول ٿيڻ تي اوهان جو اکيون ٺڏيون ٿين.“ پاڻ عَلَيۡهِ السَّلَام فرمايو: ”اي جبريل! جيڪڏهن هن توبہ کان پوءِ بہ سوال ٿيو تہ منهنجو مقام ڪٿي هوندو؟“ الله عَزَّوَجَلَّ پاڻ عَلَيۡهِ السَّلَام ڏانهن وَحي موڪلي تہ ”اي آدم! اوهان پنهنجي اَولاد جي لاءِ وِراثت ۾ تڪاوٽ، ڏک ۽ توبہ ڪي ڇڏيو آهي جيڪو بہ مون کي پڪاريندو مان ان جي پُڪار ٻڌندس، جيئن اوهان جي پُڪار ٻڌي ۽ جيڪو مون کان مغفرت طلَب ڪندو مان ان کي عطا ڪندس، چوتہ مان ويجهو ۽ دُعا قَبول فرمائڻ وارو آهيان، اي آدم! مان توبہ ڪرڻ وارن کي قبرن مان ان حال ۾ اٿاريندس جو اهي خُوش هوندا ۽ مُرڪندا هوندا ۽ انهن جي دُعا مقبول ٿيندي.“ (احياءالعلوم،ج۴،ص۷)

مغفرت کا ہوں تجھ سے سُوالی
پھیرنا اپنے در سے نہ خالی

مجھ گنہگار کی اِلتجاء ہے
یا خدا تجھ سے میری دُعا ہے

(وسائل بخشش مُرمّم،ص،136)

صَلُّوا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان تہ توبہ ڪرڻ وارو ڪيتري قدر خُوش نَصيب آهي جو الله عَزَّوَجَلَّ اهڙي شخص کي گهڻو پسند ڪندو آهي،



www.dawateislami.net

جيڪي سچي توبہ ڪندا آهن ۽ انهن کي اِنعامن ۽ اِڪرامن سان بہ نوازيندو آهي ۽ اهو بہ معلوم ٿيو تہ توبہ ڪرڻ وارو الله عَزَّوَجَلَّ جو ايتري قَدر مُقرَّب ۽ پسنديده پانهو بڻجي ويندو آهي جو ان جون دُعائون بہ قَبول ٿيڻ لڳنديون آهن، پر افسوس! ايتري قدر اِنْعامن ۽ نوازشن جي باوُجُود اسان پنهنجي رَبّ عَزَّوَجَلَّ جي نافرمانين ۾ مشغول آهيون ۽ توبہ ۾ بهانا ڪندا رهندا آهيون. زِندگيءَ کي غنيمت سمجهندي جلد کان جلد سچي توبہ ڪرڻ گهرجي. اسان جي بُزرگانِ دِين جو هي عالَم هو جو جڏهن انهن کي ڪو نصيحت جي ڳالهہ ٻڌائيندو ۽ توبہ جي ترغيب ڏياريندو تہ انهن تي خوفِ خدا طاري ٿي ويندو هو ۽ پوءِ اهي نيڪ حضرات اهڙي پڪي توبہ ڪندا هئا جو مرڻ گهڙيءَ تائين ان تي قائم رهندا هئا، جيئن تہ

## شرابي نوجوان ولايت جي منزل تي

شيخِ طريقت،اميرِ اَهلسُنَّت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه پنهنجي ڪتاب نيڪي جي دعوت ۾ نقل فرمائن ٿا: حضرت سيدنا عُتبةُ الغُلام عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللهِ السَّلَام نوجوان هئا ۽ (توبہ کان پهريان) فِسق ۽ فجور ۽ شراب نوشي ۾ مشهور هئا، هڪ ڏينهن حضرت سيدنا حسن بصري عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللهِ الۡقَوِی جي مجلس ۾ آيا، حضرت سيدنا حسن بصري عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللهِ الۡقَوِی هن آيت شريف جي تفسير بيان ڪري رهيا هئا:

اَلَمۡ يَاۡنِ لِلَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡۤا اَنۡ تَخۡشَعَ قُلُوۡبُهُمۡ لِذِكۡرِ اللّٰهِ (پ 27 الحديد 16)

**ترجمو ڪنزالايمان**: ڇا ايمان وارن جي واسطي اڃا اهو وقت نہ آيو جو انهن جون دليون جُهڪي وڃن الله جي ياد (جي لاءِ)

پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه ايڏو تہ اثرائتو بيان فرمايائون جو ماڻهن تي گريہ (يعني روئڻ) طاري ٿي ويو، هڪ نوجوان بيهي چوڻ لڳو: يا سيّدي! ڇا الله



www.dawateislami.net

تعالیٰ مون جهڙي فاسِق ۽ فاجر جي توبہ قبول ڪندو جڏهن مان توبہ ڪيان؟ شيخ فرمايو: بيشڪ الله تعاليٰ تنهنجي توبہ قبول فرمائيندو، جڏهن عُتبَةُ الغلام عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ السَّلام هي ڳالهه ٻڌي تہ سندن جو چهرو پيلو ٿي ويو، سڄو بدن ڏڪڻ لڳو، رڙيون ڪرڻ لڳا ۽ غش ٿي ڪري پيا، جڏهن هوش آيو تہ حضرت سيدنا حسن بصري عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ القَوِی سندن جي ويجهو اچي اهي شعر پڙهيا:

اَيَا شَابًّا لِّرَبِّ الْعَرْشِ عَاصِیْ اَتَدْرِیْ مَاجَزَاءُ ذَوِی الْمَعَاصِیْ

(اي رب العرش جي نافرماني ڪرڻ وارا نوجوان ! ڇا تون ڄاڻي ٿو تہ گنهگارن جي سزا ڇا آهي)

سَعِيْرٌ لِّلْعُصَاةِ لَهَا زَفِيْرٌ وَغَيْظٌ يَوْمٍ يُؤْخَذُ بِالنَّوَاصِیْ

(نافرمانن جي لاءِ گرجڻ واري جهنم آهي جنهن ۾ گرج ٿيندي ۽ جنهن ڏينهن پيشانين سان پڪڙيا ويندا، ان ڏينهن غضب ٿيندو)

فَاِنْ تَصْبِرْ عَلَى النِّيْرَانِ فَاعْصِهٖ وَاِلَّا كُنْ عَنِ الْعِصْيَانِ قَاصِیْ

(پس جيڪڏهن تو باهہ تي صبر ڪري سگهين تہ نافرماني ڪري وٺ، نہ تہ نافرماني کان پري ٿي وڃ)

وَفِيْمَا قَدْ كَسَبْتَ مِنَ الْخَطَايَا رَهِنْتَ النَّفْسَ فَاجْهَدْ فِی الْخَلَاصِیْ

(تو جيڪي گناهہ ڪيا آهن ان ۾ تو پنهنجي نفس کي ڦاسائي ڇڏيو، تہ هاڻي نجات جي لاءِ ڪوشش ڪر)

عُتبَةُ الغُلام عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ السّلام تي رقت طاري هئي، جڏهن ڪجهہ هوش آيو تہ چوڻ لڳا: اي شيخ! ڇا مون جهڙي ڪميڻي جي توبہ بہ رب رحيم عَزَّوَجَلَّ



www.dawateislami.net

قبول فرمائيندو؟ شيخ فرمايو: چو نہ، الله عَزَّوَجَلَّ پنهنجي گنهگار ٻانهي جي توبہ ۾ معافي قبول فرمائيندو آهي، پوءِ حضرت سيدنا **عُتبَۃُ الغُلام** عَلَيۡہِ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ السَّلَام ٽي دعائون ڪيون:

﴿1﴾ اي منهنجا الله عَزَّوَجَلَّ! جيڪڏهن تو منهنجي توبہ قبول ڪري ورتي ۾ منهنجا گناهہ معاف فرمايا آهن تہ مون کي اهڙي فَهم (يعني سمجهداري) ۾ ياداشت عنايت ڪر جو دين جا علم ۾ قرآن ڪريم مان جيڪو ٻڌان حِفظ (يعني ياد) ٿي وڃي ﴿2﴾ اي الله عَزَّوَجَلَّ! مون کي پُرسوز آواز جي اعزاز سان نواز، جيڪڏهن ڪو پٿر دل بہ منهنجي قِراءَت ٻڌي تہ ان جي دل بہ نرم ٿي وڃي ﴿3﴾ اي الله عَزَّوَجَلَّ! رزق حلال عطا فرماءِ ۾ اتان روزي عطا فرماءِ جنهن جو مون کي گمان بہ نہ هجي، الله تعالیٰ سندن سيئي دعائون قبول ڪيون، انهن جو حافظو وڏيڪ مضبوط ٿي ويو، جڏهن اهي قرآن ڪريم جي تلاوت ڪندا هئا تہ سندن تلاوت ٻڌي گنهگار تائب ٿي ويندا هئا، سندن گهر ۾ روزانو ٻوڙ جو هڪ پيالو ۾ ٻہ مانيون رکيل هونديون هيون ۾ خبر نہ پوندي هئي تہ ڪير تو رکي وڃي، انهيءَ حالت ۾ انهن جو انتقال ٿيو.

(مڪاشفة القلوب ص 28، 29 از نيڪي جي دعوت،صفحہ۴۰۷)

عزيزا!ياد کر جس دن کہ عِزرائيل آئيں گے
نہ جاوے کوئی تيرے سنگ ، اکيلا تُو نے جانا ہے
جہاں کے شَغْل ميں شاغِل، خدا کے ذِکْر سے غافِل
کرے دعوٰی کہ يہ دُنيا مِرا دائِم ٹِھکانا ہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## موت نہ عُمر ڏسندو، نہ مهلت ڏيندو

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** تورو غور ڪيو حُجَّةُ الْاِسلَام حضرتِ سيدُنا



www.dawateislami.net

اِمام ابُو حامد محمد بن محمدغزالي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ڪيتري قدر نصيحت آموز واقِعو نقل ڪيو آهي تہ جڏهن حضرتِ حَسن بصري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه بيان ڪري رهيا هئا تہ حضرت سيدُنا عُتبَةُ الغُلام رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه تي ان بيان جو ڪيترو اثر ٿيو جو پاڻ بي هوش ٿي ويا ۽ آخرڪار انهيءَ مجلس ۾ اهڙي توبہ ڪئي جو ان جو اِنعام اوهان ڪي دُنيا ۾ بہ نصيب ٿيو. ان ڪري اسان کي بہ گهرجي تہ اسان بہ پنهنجي گُناهن کان سچي توبہ ڪيون، ڇوتہ زِندگي جو ڪو ڀروسو ناهي، روزانو اڻڌڙ جَنازا ۽ روزانو ٿيڻ وارا عبرت ناڪ واقعا اسان کي خبردار ڪندا ۽ جهنجهوڙيندي موت کان پهريان حياتي کي غنيمت سمجهڻ جي صَدا ڏئي رهيا آهن، پر هن تي اهو ئي ڪن ڏيندو آهي، جنهن کي آخِرت جي بهتري جي ڳڻتي هوندي آهي. روز روز موت جو شڪار ٿيڻ وارن ۾ جوان، پوڙها ۽ ٻار بہ هوندا آهن، موت ڪنهن جي عمر يا مرتبي کي ناهي ڏسندو، ڪنهن نادار ۽ مالدار جو پرواهہ ناهي ڪندو، ڪنهن جي مَشغُوليت يا فُرصَت کي خاطِر ۾ ناهي آڻيندو، ساهہ پُورا ٿي ويا، تہ موت گهڙي ڪن ۾ قَبر جي حوالي ڪري ڇڏيندو آهي .

موت آئی پہلواں بھی چل دئیے خُوبصورت نوجَواں بھی چل دیئے
گر جہاں میں سو برس تُو جی بھی لے قَبْر میں تنہا قِیامت تک رہے
(وسائلِ بخشش مرمم،ص711)

## 12 مدني ڪمن مان 1 مدني ڪم هفتيوار مدني مذاڪرو:

اَلْحَمْدُ لِلّٰهعَزَّوَجَلَّ تبليغِ قرآن وسُنَّت جي عالمگير غير سِياسي تحريڪ دعوتِ اسلامي جو مُشڪبار مدني ماحول سُني صُحبت فراهم ڪندو آهي، ان جي برڪت سان لکين ماڻهو گُناهن ڀري زِندگي کان توبہ ڪري نيڪين ڀري زِندگي گُذاري رهيا آهن. ذيلي حلقي جي 12 مَدَني ڪمن مان هفتيوار



www.dawateislami.net

هڪ مَدَني ڪم ”مَدَني مذاڪري“ ۾ اَوّل تا آخر شرڪت بہ آهي. مَدَني مذاڪري جي تہ ڇا ڳالھ آهي ان ۾ شيخِ طريقت ،اميرِ اَهلسُنَّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه کان پڇيل مُختلف سُوالن جا دِلچسپ جوابن جي صُورت ۾ عِلمِ دِين حاصل ٿيندو آهي ۽ عِلمِ دِين جي فضيلت ۾ ايندو آهي تہ حضرت سَيدُنا ابُوذَر غفاري رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمائن ٿا: حُضُورپُرنُور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون کي ارشادفرمايو: اي ابُوذر! (رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ) توهان جو هن حال ۾ صُبح ڪرڻ جو توهان الله عَزَّوَجَلَّ جي ڪتاب مان هڪ آيت سکي هجي، اهو توهان جي لاءِ 100رڪعت نفل پڙهڻ کان بهتر آهي ۽ توهان جو هن حال ۾ صُبْح ڪرڻ جو توهان عِلْم جو هڪ باب سکيو هجي، جنهن تي عمل ڪيو ويو هجي، يا نہ ڪيو ويو هجي، تہ اهو توهان جي لاءِ 1000 رڪعت نفل پڙهڻ کان بهتر آهي. (ابن ماجه، كتاب السنة، ج١، ص١٤٢، حديث٢١٩)

مِٺا مِٺا اسلامي ڀائرو! اچو! هتوهت اسان سڀ بہ نِيّت ڪيون تا تہ هر هفتي مَدَني مُذاڪري ۾ اَوّل کان آخر تائين شرڪت ڪي يقيني بڻائينداسين ۽ ٻين اسلامي ڀائرن کي بہ مدني مُذاڪري ۾ شرڪت جي دعوت ڏيندا رهنداسين، اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ باب المدينہ( ڪراچي) کان علاوه، ملڪ ۽ بيرونِ ملڪ هر هفتي ڪيئي عاشقانِ رسول، اِنفرادي ۽ اجتماعي طور تي مدني مذاڪري ۾ شرڪت جي سعادت حاصل ڪندا آهن، ڪيئي مدني مذاڪرن ۾ خصوصي طور تي زِندگي جي مختلف شعبن سان تعلق رکڻ وارن ماڻهن جي شرڪت جو سلسلو بہ هوندو آهي. اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ انهن مدني مذاڪرن جا قيمتي مدني گل، رسالن جي صورت ۾ بہ مڪتبة المدينہ تان وقت بوقت شائع ٿيندا رهندا آهن، انهن



www.dawateislami.net

مدني مذاڪرن جون اجا تائين 12 قسطون شائع ٿي چڪيون آهن.

هر هفتي مدني مذاڪري ۾ پابندي سان شرڪت جي برڪت سان اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ ان جون خُوب خُوب برڪتون حاصل ٿينديون. اَلْحَمْدُلِلّٰهعَزَّوَجَلَّ ڪيئي اسلامي ڀائر مدني مُذاڪري جي برڪت سان پنهنجي گُناهن ڀري زِندگي کان توبہ ڪري چڪا آهن، اچو! ترغيب جي لاءِ هڪ مدني بهار ٻڌون ٿا، جيئن تہ

## ماڊرن نوجوان جي توبہ

منڊي بهاءُالدين (صُوبہ پنجاب، پاڪستان) جي مُقيم هڪ اسلامي ڀاء جي بيان جو خُلاصو آهي تہ دعوتِ اسلامي جو مدني رنگ چڙهڻ کان پهريان فيشن جي هلاڪت خيز وادِين ۾ ڀٽڪي رهيو هئس. عجيب و غريب ڪِٽ شِٽ وارا ڪپڙا پائڻ کي زندگي جو مقصد سمجهي رکيو هو، هر وَقت دل و دِماغ تي فيشن جو ڀوت سوار رهندو هو. مطلب تہ مان يادِ الٰهي کان بلڪل غافل، دُنيا جي رنگينين ۾ گم، زِندگي جا قيمتي لمحا برباد ڪري رهيو هئس. رَمضانُ المبارڪ جي رحمتن ڀرين گهڙين ۾ مون تي ڪرم ٿي ويو. منهنجي مُلاقات هڪ مُبلِّغ دعوتِ اسلامي سان ٿي، جنهن روزن جون حقيقي برڪتون ماڻڻ جي لاءِ آخري عشري جي اجتماعي اعتڪاف جي ڀرپُور ترغيب ڏياري. الله عَزَّوَجَلَّ جي فضل وڪرم سان اِعتڪاف جي سعادت ملي وئي، جتي پُرسوز بيان سحر ۽ اِفطار جا رُوحاني مَنظر گهٽا وٽيا، ڪرم وڏو ڪرم اهو جو اميرِاهلسُنَّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي علمي ”مدني مُذاڪرن“ ۽ رِقّت انگيز دُعائن دِل تان گُناهن جو ميلُ صاف ڪري ڇڏيو. منهنجي گُناهن سان تاريڪ زِندگي ۾ عِشقِ مُصطفي جي



www.dawateislami.net

روشني ڦهلجي وئي. ان ڪري مون باقي پساهن کي غنيمت سمجهي، بارگاهِ الٰهي مان مغفرت طلب ڪندي پنهنجي گُناهن کان سچي توبه ڪئي ۽ امير اَهلسُنَّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه کان بيعت جو شرف حاصل ڪيو ۽ سُنَّتن ڀري زِندگي گذارڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جو مدني ماحول اِختيار ڪري ورتو. اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ عَزَّوَجَلَّ ڏاڙهي شريف رکي ورتي، سبز سبز عمامو شريف سجائي ورتو ۽ هفتيوار سُنَّتن ڀري اجتماع ۾ شرڪت منهنجو معمول بڻجي ويو.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## دُعا جي قبول نہ ٿيڻ جا 10 سبب

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** افسوس! صد افسوس! اسان روز روز حادثن ۽ اوچتي موت جي عبرتناڪ واقِعن مان نصيحت حاصل ڪرڻ بدران، ڏينهن رات الله عَزَّوَجَلَّ جي نافرمانين ۾ وڌندا پيا وڃون. ياد رکو! جتي توبہ ڪرڻ جا گهڻا انعام آهن، اتي گُناهن ۾ مُسْتَغْرَق رهڻ ۽ توبہ نہ ڪرڻ جون آفتون پڻ آهن. حُجَّةُ الْاِسْلَام حضرت سيدُنا امام ابُو حامِد محمد بن محمد غزالي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه نقل فرمائن ٿا: "بيشڪ گُناهہ ڪرڻ سان دل ڪاري ٿي ويندي آهي ۽ دل جي ڪارڻ جي علامت ۽ سڃاڻپ هيءَ آهي تہ گُناهن کان گهبراهٽ نہ ٿيندي، اِطاعت جي سعادت نہ ملندي ۽ نصيحت اَثر ناهي ڪندي. اي عزيز! توهان ڪنهن بہ گُناهہ کي مَعمُولي نہ سمجهو." (مِنْهاجُ العَابِدِين، الباب الثاني، العقبةالثانيةوهي عقبةالتوبة، ص٢٤) گُناهن جي ڪثرت جي سبب بيان ڪيل نحوستن کان سواءِ دعا جو قبول نہ ٿيڻ بہ تمام وڏي نحوست آهي. جيئن حضرت سيدُنا اِبراهيم بن اَدهم رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه هڪ ڏينهن بازار مان گُذري رهيا هئا تہ ماڻهن ڏٺو تہ عقيدت ۾ اوهان جي چوڌاري گڏ ٿي ويا ۽



www.dawateislami.net

عرض ڪرڻ لڳا: حُضُور! اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پنهنجي لارَيب ڪتاب قرآنِ ڪريم فرمايو آهي: اُدْعُوْنِیْۤ اَسْتَجِبْ لَكُمْ (پ٢٤،المؤمن:٦٠) (تَرجَمَوڪنزالايمان: مون ڪان دعا گهرو تہ مان قبول ڪندس).اسان هڪ عرصي ڪان دعائون ڪري رهيا آهيون پر قَبول نہ پيون ٿين.

حضرت سيدُنا اِبراهيم بن اَدْهم رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمايو: ڏهہ (10) شين جي جي سبب توهان جون دليون مُردَہ ٿي چڪيون آهن .

۞ توهان اللّٰه عَزَّوَجَلَّ کي خالِق ۽ مالِڪ مڃو ٿا، پر ان جو حق ادا نٿا ڪيو (يعني ان جي اطاعت ۽ فرمانبرداري نٿا ڪيو ۞ قرآنِ پاڪ جي تلاوت تہ ڪيو ٿا، پر ان تي عمل نٿا ڪيو۞ رَسُولُ اللّٰه صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مَحَبَّت جي دعويٰ ڪندي بہ سُنَّتِ رسول ڪان مُنهن ڦيريو ٿا ۞ شيطان سان دُشمني جا دعويدار بہ آهيو ۽ ان جا پيروڪار بہ ۞ توهان کي جنَّت ۾ وڃڻ پسند تہ آهي پر ان کي حاصل ڪرڻ وارو ڪو عمل ڪرڻ پسند نٿا ڪيو ۞ جهنَّم ڪان ڊڄڻ جو اِقْرار بہ آهي، پر عمل ان ۾ پاڻ کي ڪيرائڻ وارا آهن ۞موت جي بَرحق هئڻ تي يقين رکو ٿا، پر پوءِ بہ ان جي لاءِ ڪجهہ تياري نٿا ڪيو ۞ ٻين جا عيب تلاش ڪرڻ ۾ مصروف آهيو ۽ پنهنجن عيبن ڪان چشم پَوشي ڪيو ٿا ۞ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جون نعمتون کائو ٿا ، پر ان جو شڪر اَدا نٿا ڪيو ۞ پنهنجي مُردن کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ لاهيو ٿا، پر پوءِ بہ عبرت حاصل نٿا ڪيو.(پوءِ پاڻ ئي سوچيو! بلا اوهان جون دُعائون ڪيئن قَبول ٿين؟) (وفيات الاعيان ، ٣٩٥/١)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد



www.dawateislami.net

## صَلوٰة التَّوبه جي عادت بڻايو:

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** حضرت سيدُنا ابراهيم بن اَدْهم رَحۡمَۃُاللہِ تَعَالٰی عَلَیۡه دُعا جي قَبول نہ ٿيڻ جا 10 سبب بيان فرمايا آهن، اسان غور ڪيون تہ شايد ئي ڪو سبب اهڙو هجي جيڪو اسان ۾ نہ موجود هجي. تنهنڪري جيڪڏهن اسان بہ چاهيون ٿا تہ اللہ عَزَّوَجَلَّ اسان سان راضي ٿئي ۽ اسان جي دُعائن کي قَبول فرمائي تہ ان جي لاءِ اسان کي سچي دل سان توبہ ڪرڻي پوندي.توبہ ڪرڻ جو هڪ طريقو اهو بہ آهي تہ حتي الامڪان اڪيلائي ۾ صَلوٰةالتَّوبه پڙهڻ واري مدني انعام تي عمل ڪندڙ عاشقانِ رسول جي صحبت اِختيار ڪري بہ (2) رڪعت صَلوٰةالتَّوبه پڙهڻ جو معمول بڻايون، صَلوٰةالتَّوبه وارو مدني انعام ڇا آهي، اچو! اسان بہ ٻڌون ٿا، جيئن اميرِ اهلسنّت دامت برکاتهم العاليه اسلامي ڀائرن جي 72 مدني انعامات مان مدني انعام نمبر 16 ۾ فرمائن ٿا: " ڇا اڄ توهان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو (بهتر هي آهي تہ سمهڻ کان اڳ) صلوٰة التوبہ پڙهي ڪري سڄي ڏينهن جي بلڪ پوئين تمام گناهن کان توبہ ڪري ورتي؟ ۽ خدانخواستہ گناهہ ٿيڻ جي صورت ۾ فوراً توبہ ڪري آئنده اهي گناهہ نہ ڪرڻ جو عهد ڪيو؟

اي ڪاش! هن مدني انعام تي عمل سان گڏوگڏ ٻين پيارن مدني انعامن تي روزانو عمل ۽ فِڪرِ مدينہ جي سعادتِ عظميٰ بہ نصيب ٿيندي رهي.

صَلوٰةالتَّوبہ پڙهڻ کان پوءِ اللہ عَزَّوَجَلَّ جي نافرمانين ۽ رَبّ تعاليٰ جا اِحسان، پنهنجي ڪمزوري ۽ جهنَّم جي عذابن کي ياد ڪري لڙڪ وهايو، جيڪڏهن روئڻ نہ اچي تہ روئڻ وارن جهڙي صُورت ئي بڻايو.ان کان پوءِ توبہ جي شرطن کي سامهون رکي رَبّ تعاليٰ جي بارگاهہ ۾ مُعافي طلب



www.dawateislami.net

ڪيو ۽ ان طرح دُعا ڪيو: "اي منهنجا مالڪ ! تنهنجو هي نافرمان ٻانهو جنهن جو وار وار گُناهن جي سمنڊ ۾ ٻڏل آهي، تنهنجي پاڪ بارگاهه ۾ حاضر آهي، ياالله عَزَّوَجَلَّ! آئون اِقرار ڪيان ٿو ته مون ڏينهن جي روشنيءَ ۾ ۽ رات جي اونداهيءَ ۾، لڪي ڪري يا ظاهر ۾، ڄاڻي واڻي، اڻ ڄاڻائي ۾ تنهنجون نافرمانيون ڪيون آهن، يقيناً مون توکي ناراض ڪرڻ ۾ ڪا ئي ڪسر نه ڇڏي آهي، پر اي مولا! تُون غفور ۽ رحيم آهين، تُون ٻانهي تي اِن کان وڌيڪ مهربان آهين جيترو هڪ ماءُ پنهنجي اولاد تي شَفقَت ڪندي آهي، اي الله عَزَّوَجَلَّ! جيڪڏهن تُو منهنجي گُناهن تي پڪڙ ڪئي ته مون کي جهنَّم جي باهه ۾ سڙڻو پوندو، جنهن جو عذاب گهڙي پر جي لاءِ سهڻ جي مون ۾ طاقت ناهي، اي الله عَزَّوَجَلَّ! مان سچي دل سان تنهنجي بارگاهه ۾ پنهنجي گُناهن کان توبه ڪيان ٿو، يا الله عَزَّوَجَلَّ! منهنجي هيڻائپ تي رحم فرما، اي منهنجا پرورد گار عَزَّوَجَلَّ!منهنجي گُناهن کي مُعاف فرماءِ،اي منهنجا پروردگار عَزَّوَجَلَّ! منهنجي گُناهن کي مُعاف فرماءِ، اي منهنجا پرورد گار عَزَّوَجَلَّ! منهنجي گُناهن کي مُعاف فرماءِ ،اي منهنجا مولا عَزَّوَجَلَّ! مون کي سچي توبه جي توفيق ڏي، جيڪا عبادتون اَدا ٿيڻ کان رهجي ويون هجن، انهن کي ادا ڪرڻ جي همٿ ڏي، جن ٻانهن جا حق مون تَلَف ڪيا، انهن کان به مُعافي گهرڻ جو حوصلو عطا فرماءِ ، اي الله عزّوَجَلَّ! تُون هر شيءِ تي قادِر آهين، تُو انهن کي مون سان راضي فرمائي ڇڏ، يا الله عَزَّوَجَلَّ! مون کي آئنده زندگي ۾ گُناهن کان بچڻ تي اِستقامت عطا فرماءِ، اي الله عَزَّوَجَلَّ! مون کي پنهنجي خوف سان معمور دل، روئڻ واري اک ۽ ڏڪڻ وارو بدن عطا فرما .

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم



www.dawateislami.net

يارب!ميں ترے خوف سے روتا رہوں ہر دَم
دِيوانہ شہنشاہِ مدينہ کا بنا دے (وسائلِ بخشش،ص۱۱۹)

## توبہ جي قَبوليت جي خبر ڪئين پوندي؟

ان ڪان پوءِ ان جڳهه تان هن يقين سان اٿيو جو رحيم ۽ ڪريم پروَرْدگار، الله عَزَّوَجَلَّ! توبہ قَبول ڪري ورتي آهي. پوءِ هڪ نئي عزم سان گڏ نئين ۽ پاڪيزه زِندگي جو آغاز ڪيو ۽ اڳوڻن گُناهن جي تلافي ۾ مصروف ٿي ويو.حضرت سَيدُناامام محمد غزالي رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه لڪن ٿا: هڪ عالِم ڪان پڇيو ويو: هڪ ماڻهو توبہ ڪري، تہ ڇا هن ڪي معلوم ٿي سگهي ٿو تہ ان جي توبہ قَبول ٿي آهي يا نہ؟ فرمايائون: "هن ۾ حڪم تہ نٿو ڏئي سگهجي، پر ان جي نشاني آهي، جيڪڏهن پنهنجي پاڻ ڪي آئنده گُناهن ڪان بچندو ڏسي ۽ هي ڏسي تہ دل خُوشي سان خالي آهي ۽ رَبّ تَعالٰي جي سامهون نيڪ ماڻهن جي ويجهو هجي، بُرن ڪان پري رهي، ٿوري دنيا ڪي گهڻو سمجهي، ۽ آخرت جي گهڻي عمل ڪي ٿورو سمجهي، دل هر وَقْت الله عَزَّوَجَلَّ جي فرضن ۾ مصروف رهي، زبان جي حفاظت ڪري، هر وَقْت غوروفڪر ڪري، جيڪي گُناهہ ڪري چڪو آهي، ان تي ڏک، ڪاوڙ ۽ شرمندگي محسوس ڪري (تہ سمجهي ونو تہ توبہ قَبول ٿي وئي. (مڪاشفة القلوب ،الباب الثامن في التو بة ، ص ٢٩)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي، دِينِ متين جي خدمت سَر اَنْجام ڏيڻ جي لاءِ گهڻن شُعبن ۾ مدني ڪم ڪري رهي آهي، اِنهي مان هڪ شُعْبو "**مجلس اِصْلاح براءِ ڪهلاڙيان** " بہ آهي.

## مجلس اِصلاح براءِ ڪهلاڙيان!



www.dawateislami.net

اَلْحَمْدُلِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ تبليغِ قرآن وسُنَّت جي عالمگير غير سياسي تحريک دعوتِ اسلامي جتي مُختلف شُعْبن ۾ دين جي خدْمت جو مدني ڪم سرانْجام ڏئي رهي آهي، اتي راندیگرن جي اِصْلاح ۽ تَربِيت جي لاءِ ہ هڪ شُعبو "مجلس اِصْلاح براءِ کھلاڙيان" جي نالي سان قائم ڪيو ويو آهي، جنهن جو بُنيادي مَقْصد راندين سان لاڳاپيل ماڻهن ۾ دعوتِ اسلامي جي مدني پيغام کي عام ڪرڻ ۽ انهن کي دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ ڪندي، هن مَدَني مقصد "مون کي پنهنجي ۽سڄي دُنيا جي ماڻهن جي اِصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي. اِنْ شَآءَاللّٰہ عَزَّوَجَلَّ جي مُطابِق زِنْدگي گُذارڻ جو مدني ذِهن ڏيڻ آهي. اَلْحَمْدُ لِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ هن شعبي جي ذِمہ داران جي اجتماعي ۽ اِنفرادي ڪوشش سان راندیگر بہ مدني انعامات جا عامل، مدني قافلن جا مسافر، هفتيوار سُنّتن ڀري اجتماع ۽ هفتيوار مدني مذاڪري ۾ شرڪت جي سعادت حاصل ڪندا آهن.

اللہ کرم ایسا کرے تجھ پہ جہاں میں
اے دعوتِ اسلامی تیری دھوم مچی ہو

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## توبہ کان پوءِ ڇا ڪري؟

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! انسان جڏهن گُناهن کان توبہ ڪري وٺي تہ هاڻي ان کي کپي تہ سڀ کان پهريون هي ڪم ڪري جو ڪنهن نموني گُناهن جي سڃاڻپ حاصِل ڪري، تہ جيئن مُستقبِل ۾ ڪنهن قسم جي گُناهہ جي ڪرڻ کان بچي سگهي، هن جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي اِشاعَتي اِداري



www.dawateislami.net

مڪتبة المدينہ جا شايع ٿيل ڪتاب مثلاً اِحياءُ العلوم ،منهاجُ العابدين، مڪاشفة القلوب ۽ جهنم ميں لے جانے والے اعمال (جلد2،1) جو مُطالَعو بہ بي حد مُفيد آهي. پوءِ انهن گُناهن کان مڪمل پرهيز ڪري ۽ هر ان ڪم کان بچڻ جي ڪوشش ڪري، جيڪو گُناهہ ڏانهن وٺي ويندڙ آهي، ان کان علاوه ڪثرت سان نيڪيون ڪرڻ ۾ مَشغُول ٿي وڃي تہ نيڪين جي نُور سان گُناهن جون اونداهيون ختم ٿي وينديون، جيئن تہ مدني آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بہ انهيءَ طرف اِشارو ڪندي فرمايو: اِتَّبِعِ السَّيِّئَةَ الْحَسَنَةَ تَمْحُهَا گُناهہ کان پوءِ نيڪي ڪري وٺو، اها ان کي مٽائي ڇڏيندي. (المسند للامام احمدبن حنبل ،حديث ابي ذر الغفاري ، رقم ٢١٤٦٠ ، ج ٨، ص ٩٢) هڪ ٻي حديث شريف ۾ آهي: "ان ماڻهو جو مثال جيڪو پهريان بُرائين ۾ مَشغول هو، پوءِ نيڪ اعمال ڪرڻ لڳو، ان شخص جيان آهي جو جنهن جي بدن تي تنگ زِرّه هجي، جيڪا ان جي گردن کي گُهٽو ڏئي رهي هجي، پوءِ ان هڪ نيڪ عمل ڪيو تہ ان زِرّه جو هڪ حلقو کلي ويو، پوءِ ٻيو نيڪ ڪم ڪيو تہ ٻيو حلقو کلي ويو (۽ پوءِ نيڪ عمل ڪندو ويو) ايستائين جو اها تنگ زره کُلي زمين تي ڪري پئي."(المعجم الكبير ، رقم ٧٨٣ ، ج ١٧ ، ص ٢٨٤)

ڪرکے توبہ ميں پهر گناہوں ميں
ہو ہی جاتا ہوں مُبتلا يا ربّ

طالبِ مغفرت ہوں يا اللہ
بخش حيدر کا واسطہ يا ربّ

(وسائلِ بخشش مُرمّم،ص79،80)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد



www.dawateislami.net

## توبہ تي اِستقامت ڪيئن حاصل ڪجي؟

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هن ڳالهہ ۾ ڪو شڪ ناهي تہ عبادت جي ادائيگي ۽ گُناهن کان بچڻ تي اِستِقامَت اختيار ڪرڻ، عام طور دُشوار محسوس ٿيندو آهي. پر اها دُشواري ان وقت تائين محسوس ٿيندي آهي، جيستائين اسان جي سامهون ڪو شخص انهن ڪي اِسْتِقامت سان اپنايو نہ هجي، تنهنڪري جيڪڏهن اسان تبليغِ قرآن و سُنَّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ ٿي وڃون، تہ اسان ڪي گهڻا عاشقانِ رسول اهڙا بہ نظر ايندا جيڪي مدني انعامات جا عامل هوندا، مدني قافلن جا مسافر هوندا، مدني مذاڪرن جا شوقين هوندا ۽ اجتماعي طور تي عبادتن تي اِسْتقامت حاصل ڪندڙ هوندا، انهن عاشقانِ رسول جي صحبت جي برڪت سان اسان بہ گُناهن کان بچڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندا سين. اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ

## بيان جو خُلاصو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اڄ اسان ٻڌو تہ سچّي توبہ هي آهي جو ٻانهو گناهہ ڇڏي ڏئي، جڏهن ٻانهو پنهنجي ربّ عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهہ ۾ سچّي توبہ ڪندو آهي تہ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ان جو هر نيڪ عمل قبول ڪندو آهي، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ان جو هر گناهہ معاف فرمائيندو آهي، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جڏهن ٻانهي جي توبہ قبول ڪندو آهي تہ ان جي هر گناهہ جي بدلي ۾ جنّت ۾ ان جا درجا بُلند ڪندو آهي، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ سچّي توبہ ڪرڻ واري جي هر نيڪي جي بدلي جنّتي محل عطا ڪندو آهي ۽ جنّتي حُورن مان هڪ حُور سان ان جو نڪاح ڪندو آهي.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جيڪڏهن توبہ ڪرڻ وارو ٻيهر پنهنجي پاڻ



www.dawateislami.net

ڪي گناهن کان بچندو ڏسي، دِل خوشي سان خالي هجي، بُرن ماڻهن کان پري رهي، ٿوري دنيا کي غنيمت سمجهي، آخرت جي عمل کي ٿورو سمجهي. جيڪڏهن توبہ ڪرڻ وارو هر وقت اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي حڪمن جي ادائيگي ڪري، زبان جي حفاظت ڪري، هر وقت شرمندگي محسوس ڪري تہ قوي اُميد آهي تہ اُن جي توبہ قبول ٿي وئي.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اهو نادان جيڪي گناهن تي قائم رهندي توبہ ڪندا آهن، ڪن ڪولي ٻڌي ونن تہ اهڙي شخص کي اللّٰه تعاليٰ سان مذاق ڪرڻ وارو چيو ويو آهي.

اي پنهنجي ربِّ ڪريم عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهہ ۾ گناهن تي نادم ۽ شرمسار اسلامي ڀائرو! سچّي توبہ کان پوءِ بُري صحبت ڇڏي ڏيو، سنو ۽ پاڪيزہ مدني ماحول اپنايو تہ جيئن اسان کي اِستقامت عطا ٿئي. سچّي توبہ تي اِستقامت حاصل ڪرڻ جو هڪ مدني نُسخو هي بہ آهي جو مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل ڪتاب ”توبه کی رِوايات و حکايات“ جو مطالعو ڪيو وڃي تہ جيئن توبہ ڪرڻ وارن جي حڪايتن جي برڪت حاصل ٿئي، سچّي توبہ تي اِستقامت حاصل ڪرڻ جو هڪ مدني نُسخو هي بہ آهي تہ هفتيوار سُنّتن ڀري اجتماع ۾ وقت جي پابندي سان اوّل تا آخر شرڪت ڪئي وڃي، سچّي توبہ تي اِستقامت ماڻڻ جو هڪ مدني نُسخو هي بہ آهي تہ هر مهيني گهٽ ۾ گهٽ 3 ڏينهن جي مدني قافلي ۾ سفر ڪيو وڃي، سچّي توبہ تي اِستقامت حاصل ڪرڻ جو هڪ مدني نُسخو هي بہ آهي تہ مدني چينل ڏسندا رهو، سچّي توبہ تي اِستقامت حاصل ڪرڻ جو هڪ مدني نُسخو هي بہ آهي تہ هفتيوار مدني مذاڪري ۾ اجتماعي يا اِنفرادي طور تي حاضري



www.dawateislami.net

ڏني وڃي، سچّي توبہ تي اِستقامت حاصل ڪرڻ جو هڪ مدني نُسخو هي بہ آهي تہ مدني انعامات تي عمل ڪري روزانو فڪرِ مدينہ ڪيو وڃي، سچّي توبہ تي اِستقامت حاصل ڪرڻ جو هڪ مدني نُسخو هي بہ آهي تہ مدرسة المدينہ بالغان ۾ شرڪت ڪئي وڃي، سچّي توبہ تي اِستقامت حاصل ڪرڻ جو هڪ زبردست مدني نُسخو هي بہ آهي تہ ڪنهن جامع شرائط پِير جي بيعت ڪئي وڃي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو ! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجهہ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدار رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو. (1)

سینہ تری سُنَّت کا مدینہ بنے آقا
جنَّت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

## عِمامي شريف جون سُنّتون ۽ آداب

اچو! شيخ طريقت، اميرِ اَهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي رسالي ”163 مَدَني گل“مان عمامو شريف ٻڌڻ جون سُنّتون ۽ آداب ٻڌون ٿا.

پهريان بہ (2) فرمانِ مُصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مُلاحَظ ٿين:” عمامي

---

[1] … مشكاة الصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة،١/٩٧،حديث:١٧٥



www.dawateislami.net

سان ڳڍ ٻہ رڪعتون نماز (پڙهڻ) بغير عمامي جي ستر 70 رڪعتن کان افضل آهي.[2] ” ٽوپي تي عمامو اسان ۽ مشرڪن جي وچ ۾ فرق آهي، هر ورَ جيڪو مسلمان پنهنجي مٿي تي ڏيندو ان کي قيامت جي ڏينهن هڪ نور عطا ڪيو ويندو.[3] ۞ عمامو قبلي ڏانهن منهن ڪري بيهي ٻڌو.[4] ۞ عمامي ۾ سنت هي آهي تہ اڍائي گز کان گهٽ نہ هجي، نہ ڇهہ گز کان وڌيڪ، ۽ ان جي بندش گنبذ نما هجي.[5] ۞ رومال جيڪڏهن ايترو وڏو هجي جيڪو مٿي کي چڱي طرح ڍڪي تہ اهو عمامو ئي آهي ۽ ننڍو رومال جنهن سان صرف هڪ ٻہ وَر اچي سگهن ٻَڌڻ مڪروهہ آهي.[6] ۞ عمامي کي جڏهن نئي سري سان ٻڌڻو هجي تہ جيئن ٻڌيل آهي ائين کوليو ۽ هڪ مهل زمين تي نہ اُڇلايو.[7] ۞ جيڪڏهن ضرورتاً لاٿو، ۽ ٻيهر ٻَڌڻ جي نيّت هجي تہ هڪ هڪ پيچ کولڻ تي هڪ هڪ گناهہ مٽايو ويندو.[8]

عمامي جا پنج طبي فائدا ملاحظ فرمايو: ۞ مٿي اگهاڙي رهندڙ جي وارن تي سردي گرمي ۽ اُس وغيره سڌو سنئون اثر ڪندي آهي ان سان نہ

---

2 …فِردَوْس الاخبار،۲/۲۶۵،حديث:۳۲۳۳

3 …جامع صغير لِلسُّيُوْطِي،ص ۳۵۳،حديث:۵۷۲۵

4 …كَشْفُ الاِلْتِباس فِى اسْتِحْبابِ اللِّباس،ص۳۸

5 …فتاوىٰ رضويہ،۲۲/۱۸۶

6 …فتاوىٰ رضويہ،۷/۲۹۹

7 …فتاوىٰ ہندية،۵/۳۳۰

8 …فتاوىٰ رضويہ،۶/۲۱۴ ملخصاً



www.dawateislami.net

صرف وار بلڪ دماغ ۽ چهرو بہ متاثر ٿيندو آهي ۽ صحت کي نقصان پهچي سگهي ٿو، تنهن ڪري سنت جي پيروي جي نيت سان عمامو شريف ٻڌڻ ۾ ٻنهي جهانن ۾ عافيّت آهي ۞ طِبّي تحقيق مطابق مٿي جي سور لاءِ عمامو شريف پائڻ تمام فائديمند آهي ۞ عمامو شريف پائڻ سان دماغ کي قوت ملندي ۽ حافظو مضبوط ٿيندو آهي ۞ عمامو شريف ٻڌڻ سان دائمي نزلو ناهي ٿيندو يا ٿيندو تہ ان جا اثرات گهٽ ٿيندا آهن ۞ عمامي شريف جو شِملو هيٺين ڌڙ جي فالج وغيره کان بچائي ٿو چو تہ شِملو حرام مغز کي موسمي اثرن مثلاً سردي گرمي وغيره کان تحفظ فراهم ڪندو آهي.

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ **مڪتبة المدينہ** جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب "**بهارِشريعت**" حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب "**سنتيں ۽ آداب**" هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

لوٹنے رَحمتیں قافلے میں چلو ہوں گی حل مشکلیں قافلے میں چلو

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد



www.dawateislami.net

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

## (1) جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰھُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰی سَیِّدِنَا مُحَمَّدٍ النَّبِیِّ الْاُمِّیِّ الْحَبِیْبِ الْعَالِی الْقَدْرِ الْعَظِیْمِ الْجَاهِ وَعَلٰی اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[9]

## (2) سمورا گُناہ مُعاف

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی سَیِّدِنَا وَ مَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰی اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تہ ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا.[10]

---

9...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

10...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65



www.dawateislami.net

## (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.(11)

## (4) ڇهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ الهَادِی ڪن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف ڪي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.(12)

## (5) قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَ تَرضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم ڪيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي.(13)

---

11...القول البديع، الباب الثانی، ص277،

12...افضل الصلوات علی سید السادات، الصلاۃ الثانیۃ والخمسون، ص149

13...القول البديع، الباب الاول، ص125



www.dawateislami.net

## (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.(14)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِىَ اللّٰه تَعَالٰى عَنْهُ کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.(15)

## (2) جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

---

[14] ... الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١

[15] ... مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فى كيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305



www.dawateislami.net

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، الله عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو ڄڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**(رجب المرجب جي هر هفتيوار اجتماع ۾ هي دعا پڙهائي وڃي)**

رجب ۾ هي دعا پڙهڻ سنت آهي! جڏهن رجب جو مهينو ايندو ته نبي اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هي دعا پڙهندا هئا:

اَللّٰهُمَّ بَارِكْ لَنَا فِيْ رَجَبٍ وَّ شَعْبَانَ وَ بَلِّغْنَا رَمَضَان۔

يعني اي الله عَزَّوَجَلَّ! تو اسان جي لاءِ رجب ۽ شعبان ۾ برڪتون عطا فرما ۽ اسان کي رمضان تائين پهچا. (المعجم الاوسط للطبراني، ج 3، ص 85، حديث 3939)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد



www.dawateislami.net